# ٻوڏ متاثرن لاءِ ٻوڏ ۽ ٻين قدرتي آفتن کان محفوظ گهرن جي نئين سر اڏاوت بابت ماحولياتي ۽ سماجي ضابطا



ct
23

Sindh Peoples Housing for Flood Affectees

## سٽاءُ / وچور


1.0. پسمنظر........................................ 3
2.0. رٿا / منصوبو........................................ 4
3.0. ڊهي پيل گهرن جي نئين سر اڏاوت لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي ضابطا........................ 5
3.1. پائيوارن/ اسٽيڪ هولڊرز جي شموليت ۽ معلومات بابت تفصيل........................ 6
3.2. فائدو ماڻيندڙن جي اهليت جو معيار........................................ 6
3.3 ٻوڏ متاثرن/ ڪمزور ماڻهن جي ضرورتن کي حل ڪرڻ........................ 8
3.4 پورهئي ۽ ڪم جون حالتون........................................ 8
3.5 گهرن جو نقشو، وسيلن جو معيار، گدلاڻ جي روڪٿام ، ۽ ڪميونٽيءَ جي صحت توڙي حفاظت.................. 9
3.5.1 گند جي ڍيرن/ ملبي جو انتظام ۽ جڳهه جي صفائي........................ 9
3.5.2 گهڻ رخن خطرن کي سامهون رکندي گهرن جا نقشا جوڙڻ........................ 10
3.6 زمين جي مالڪي حاصل ڪرڻ........................................ 10
3.7 جياپي جو تحفظ اور دستياب قدرتي وسلين جو جٽادار نظام........................ 10
3.9 شڪايتن جي ازالي جو طريقيڪار ۽ صلاحيتن کي هٿي وٺائڻ ........................ 11

**مخفف/ علامتون/ شارٽ فارم:**

**اِي ايس – ماحولياتي ۽ سماجي**

**اِي ايس ايف – ماحولياتي ۽ سماجي سرشتو/ طريقيڪار**

**اِي ايس ايم ايف – ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي سرشتو**

**اِي ايس ايس – ماحولياتي ۽ سماجي معيار**

**جي آر ايم – شڪايتن جي ازالي بابت طريقيڪار**

**آءِ پي ايف – منصوبي بابت مالياتي سيڙپڪاري**

**پي ڊي اين اي – آفت اچڻ کانپوءِ ضرورتن جو جائزو**

**ايس ايف اي ايڇ آر پي – سنڌ جي ٻوڏ متاثر علائقن ۾ ڊٺل گهرن جي نئين سر اڏاوت وارو منصوبو**

**ايس او پيز – هلائڻ / آپريٽ ڪرڻ جا معياري طريقا**

**ايس پي ايڇ ايف اي – ٻوڏ متاثرن لاءِ سنڌ پيپلز رهائشي منصوبو يا رٿا**

## 1.0 پسمنظر :

پاڪستان ۾ سال 2022ع جي جون ۽ سيپٽمبر مهينن دوران پيل بدترين برساتن جي نتيجي ۾ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ لکين گهر متاثر ٿيا. اٽڪل 3 ڪروڙ 30 لک ماڻهو لڏپلاڻ تي مجبور ٿيا ۽ 13 هزار ڪلوميٽرن تي پڪل روڊ رستا تباهه ٿي ويا. برساتي ٻوڏ سبب 22 لک گهر تباهه ٿيا. 94 لک ايڪڙن تي بيٺل فصل ٻڏي ويا. جڏهن ته اٽڪل 12 لک جانور مري ويا. برساتي ٻوڏ سبب سڀ کان گهڻو نقصان ٻهراڙيءَ جي علائقن ۾ ٿيو.
ابتدائي اندازي موجب ٻوڏ جي سڌي ريت ناڪاري اثر سبب غربت جي قومي شرح ۾ مجموعي طور 4 سيڪڙو واڌارو ٿي ويو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ اٽڪل 90 لک ماڻهو غربت جي دائري ۾ داخل ٿي ويا آهن.
قدرتي آفت کانپوءِ وارين ضرورتن جو جائزو وٺڻ لاءِ تازو لڳايل ڪاٿي موجب مجموعي طور پهتل نقصان جو اندازو 14 ڏهائي 9 ارب آمريڪي ڊالرز لڳايو ويو آهي،جڏهن ته معيشت کي پهتل نقصان جو ڪاٿو اٽڪل 15.2 ارب آمريڪي ڊالرز آهي. متاثرن جي بحالي ۽ نئين سر اڏاوت وارين ضرورتن جي پورائي لاءِ 16 ڏهائي 3 ارب آمريڪي ڊالرز گهربل آهن. ڇاڻايل ڪاٿي ۾ متاثرعلائقن کان ٻاهر نئين سيڙپڪاري شامل نه آهي ته جيئن پاڪستان مستقبل ۾ اٽوٽندڙ حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ مضبوط هجي.

## 2.0 رٿا يا منصوبو:

سنڌ سرڪار عالمي بينڪ جي سهڪار سان ايس پي ايچ ايف وسيلي ( سيڪشن 42 تحت جوڙيل هڪ خانگي ڪمپني) " سنڌ ٻوڏ ايمرجنسي نون گهرن جي اڏات بابت منصوبو" ( ايس ايف اِي ايچ آر پي) جوڙيو آهي. ان منصوبي تحت سنڌ جي ٻوڏ متاثر 24 ضلعن ۾ جزوي يا مڪمل طور تباهه ٿي ويل 21 لک گهرن جي نئين سر اڏاوت يا مرمت ڪرائي ويندي. 2022ع جي ٻوڏ متاثرن کي جلد کان جلد نوان گهر ٺهرائي ڏيڻ لاءِ هن منصوبي تي عالمي بينڪ جي تيز رفتار عمل تحت عمل ڪيو پيو وڃي. هن منصوبي کي بينڪ پاليسي آن انويسٽمينٽ پروجيڪٽ فنانسنگ (آءِ پي ايف) جي سيڪشن 3 جي پيراگراف 12 مطابق جوڙيو ۽ لاڳو ڪيو پيو وڃي. جيڪو اِي ايس ايف جي گهرجن کي پاسيرو رکڻ سميت آءِ پي ايف جي پاليسي گهرجُن لاءِ ڪجهه ڇوٽ جي اجازت پڻ ڏئي ٿو. يا جيڪڏهن بينڪ سمجهي ٿي ته وصول ڪندڙ کي قدرتي آفت جي ڪري ترت مدد جي ضرورت آهي يا ڪمزور توڙي مخصوص حالتن دوران صلاحيت ۾ رنڊڪون محسوس ڪيون وڃن.

گهرن جي نئين سر اڏاوت سان بهتر ماحولياتي ۽ سماجي نتيجا (اي ايس) پيدا ٿيڻ جي اميدا آهي،ES جي امڪاني اثرن کي گهٽائڻ لاءِ، عالمي بئنڪ جو ماحولياتي ۽ سماجي سرشتو (ESF) وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي ماحولياتي ۽ سماجي قانون سازيءَ بابت طريقيڪار سميت E&S خطرن ۽ اثرن جو جائزو وٺڻ توڙي ان کي منظم ڪرڻ لاءِ لاڳو ڪيو ويندو. جيئن ته ٻوڏ متاثر علائقن ۾ خاص منصوبي جي هنڌن جو اڃا تائين تعين نه ڪيو ويو آهي، تنهنڪري ان ڪم جي پورائي لاءِ هڪ ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي سرشتي (ESMF) جي ضرورت پوندي.( ESMF) خطرن ۽ اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ جامع ۽ جٽادار طريقيڪار تي مشتمل هوندو، جنهن ۾ لاڳاپيل قومي ۽ صوبائي پاليسيون توڙي قانون سازي ۽ عالمي بئنڪ جي معيار کي به شامل ڪيووينڊو. ڇاڻايل

طريقيڪار ۾ هڪ تخفيف وارو منصوبو شامل هوندو جنهن ۾ تفصيلي اڏاوتي هدايتون، اڏاوت لاءِ معياري آپريٽنگ طريقا (SOPs)، پورهئي يا مزدوريءَ جو انتظامي عمل ، هڪ نئين سر آبادڪاريءَ جو طريقيڪار، پائيوارن جي شموليت جو منصوبو ۽ شڪايتن جي ازالي بابت طريقيڪار شامل هوندو. سموري منصوبي ۾ ماحولياتي، سماجي، صحت، ۽ حفاظت (ESHS) خطرن ۽ اثرن کي منهن ڏيڻ بابت مناسب انتظام کي يقيني بڻائڻ لاءِ ESMF جو نفاذ ڪلائنٽ لاءِ قانوني ۽ معاهدي جي پابندي شامل هوندي..

چاٽايل ES مشقن بابت ڪوڊ (ESCOPs) مضبوط گهرن جي اڏاوت لاءِ جوڙيا ويا آهن ته جيئن امڪاني خطري کي منهن ڏيڻ ممڪن بڻجي سگهجي. اهي ESCOPs منصوبي جي بحاليءَ واري مرحلي دوران گهٽ ۾ گهٽ معيار واري سطح تي ڪم ڪندا، جيڪي امڪاني ماحولياتي ۽ سماجي اثرن کي منهن ڏيڻ توڙي ESMF جو حصو پڻ هوندا.
هي منصوبو هڪ جامع نگراني ۽ ارتقائي نظام (MIS تحت) تيار ڪيو ويو آهي ته جيئن رٿا سان لاڳاپيل سمورين سرگرمين جي نگراني ڪري سگهجي ۽ گڏوگڏ حفاظتي قدمن سميت عملي ڪم جي خاطري پڻ ڪرائي سگهجي. هي منصوبو اٽڌرين تصديق ڪندڙن ۽ ٽرڊ پارٽي مانيٽرنگ توڙي ابتدائي/ ارتقائي مددگارن جون خدمتون حاصل ڪرڻ تي مشتمل آهي ته جيئن ضرورت پوڻ تي وڏ ۾ وڏ شفافيت ۽ ذهني صلاحيتن جي اصلاح/ سڌاري کي يقيني بڻائي سگهجي.

## 3.0 مضبوط گهرن جي اڏاوت لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي ضابطن بابت مشق:

ماحولياتي ۽ سماجي ضابطن جي طريقيڪار تحت ايس ايف اي ايچ آر ايف جي نگرانيءَ هيٺ ٻوڏ متاثر علائقن ۾ مضبوط گهرن جي اڏاوت لاءِ پائيداريءَ، ڪميونٽي/ مقامي ماڻهن جي سرگرمين، سماجي برابري، پورهيت ۽ انساني حقن، صحت ۽ حفاظت، ثقافتي ورثو ۽ خدمتن تائين پهچ کي ترجيح ملڻ گهرجي. چاٽايل ضابطن تي عمل کي نئين سر اڏاوتي منصوبي، رٿابندي،نقشي ۽ عملدرآمد ۾ شامل ڪيو وڃي ته جيئن اهي ماحولياتي ۽ سماجي طور ذميوار عنصر وانگر شامل هجن، ۽ ٻوڏ متاثرن لاءِ ڊگهي مدي واري بحاليءَ واري عمل جو حصو بڻجن.

ايس ايف اي ايچ ايف وسيع پاڙيسري ڊانچي جي جوڙجڪ واري عمل ۾ به شامل آهي، جيتوڻيڪ ترقياتي ڪمن جي حد سبب اعليٰ ماحولياتي خطرن کي منهن ڏيڻ جو امڪان ناهي چاڪاڻ ته امڪاني ناڪاري خطرا ۽ اثر مختصر مدي وارا هوندا، جڏهن ته چاٽايل خطرا بنيادي طور فائدو ماڻيندڙ ماڻهن جي گهرن جي اڏاوتي مرحلي سان لاڳاپيل هوندا. چاٽايل خطرن کي گهٽائڻ لاءِ قدمن ۽ معياري آپريٽنگ تي ٻڌل طريقيڪار کي اپنائڻ وارو عمل وڌيڪ منظم ڪيو ويندو. E&S اسڪريننگ چيڪ لسٽ يا ناڪاري لسٽن کي استعمال ڪندي،منصوبي ۾ شامل ٽيمون انهن علائقن کان پاسو ڪري سگهن ٿيون جيڪي رهائش لاءِ مناسب نه هجن، جهڙوڪ ٻوڏ جا ميدان يا جتي مٽيءَ جون ڇپون ڪريل هجن.

ان ڪانسواءِ ٽيلي مارڪس ڪنسلٽنگ ( ٽي ايم سي) پاران عالمي بينڪ جي مشاورت سان هڪ شفاف ۽ مضبوط ايم آءِ ايس جوڙيو ويو آهي. ٽي ايم سي ويب تي ٻڌل پورٽل، موبائيل ايپليڪيشن ۽

ايگزيڪيوٽو ڊيش بورڊ جو ڪم بهتر بڻائڻ ۾ مدد ڪندي، جيڪي متاثر ٿيل گهرن جي بحالي ۽ اڏاوت لاءِ مالي امداد جي ورهاست، انتظام ۽ نگراني ۾ به سهڪاري هوندا.

MIS وارو نظام هيٺ ڏنل مقصدن جي پورائي لاءِ هوندو پر رڳو انهن تائين محدود نه هوندو:

• هڪ مضبوط MIS سسٽم ذريعي، ڊونر ۽ فائدو ماڻيندڙن وچ ۾ سڌو، شفاف ۽ اثرائتو رابطو هوندو.
• MIS ذريعي ڪنهن به انساني مداخلت کانسواءِ فائدو ماڻيندڙن کي فنڊز جي سڌي ريت منتقلي يقيني بڻائي ويندي ۽ گهر جي تعمير جو مرحلو سڌي ريت ڊونر ڏانهن منتقل ڪيو ويندو.
• MIS سسٽم ڊونرز لاءِ هڪ منفرد طور تي شفاف عمل کي فعال ڪندو، جيڪو انفرادي فائدو ڏيندڙ کي "گرينولر وزيبلٽي"فراهم ڪري ٿو.
• MIS سسٽم اها ڳالهه به يقيني بڻائيندو ته پرڏيهي امداد جا ڪيترائي ذريعا ٿاهي سگهجن، ۽ مقامي توڙي عالمي امدادي ادارا هن MIS ذريعي گڏجي ڪم ڪندا.
گڏوگڏ اڳوات چاٽايل علائقن ۾ ڊرون سروي پڻ ڪئي ويندي، جتي رهائشي بحالي جي شروعات ڪئي پئي وڃي. ان کانسواءِ گهرن ۽ زمين جي احاطي لاءِ ڊرون سروي وسيلي زمين جي متاثرهينءَ جي معلومات لاءِ ٽوپوگرافڪ چاٽ پڻ حاصل ڪئي ويندي، جيڪا ڪنهن به قسم جي تبديلي جيڪا قدرتي آهي يا آفت جي نتيجي ۾ آئي هجي. جهڙوڪ ٻوڏ، اهڙين ڊرون تصويرن لاءِ استعمال ڪئي ويندي، آباديءَ جي ترقي جو منصوبو ڊرون تي ٻڌل فضائي سروي سنڌ جي 24 ضلعن ۾ گهرن جي تعمير جي نگراني، تشخيص ۽ رپورٽنگ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو.
منصوبي تي عملدرآمد جي ان مرحلي تي ماحولياتي ۽ سماجي ضابطن تي عمل ڪيو وڃي (سماجي ضابطن جو ضابطو ضميمو–II سان سلهاڙيل آهي) اپنائڻ ۽ عمل ڪرڻ گهرجي، جنهن کانپوءِ انهن کي ESMF جو حصو بڻايو ويندو.

## 3.1 پائيوار/ اسٽيڪ هولڊر جي شموليت ۽ معلومات ظاهر ڪرڻ :

ESS10 جي ضرورتن مطابق: پائيوار جي شموليت ۽ معلومات ظاهر ڪرڻ، اهو ضروري آهي ته منصوبي جي پائيوار يا اسٽيڪ هولڊر جي مڪمل طور مشاورت شامل هجي، جنهن ۾ تياريءَ جو مرحلو، عملدرآمد وارو مرحلو، ۽ نگراني جا مرحلا شامل آهن. جيئن شفافيت ۽ سهڪار کي يقيني بڻائڻ لاءِ اثرائتي پائيوار جي شموليت ۽ سهولت کي اوليت ڏني وڃي.

**هيٺين اهم رخن کي اسٽيڪ هولڊر جي مشاورتي عمل جو حصو هئڻ گهرجي:**
• رٿا جي مڪمل مدي تائين متاثر ڪميونٽيز جي سڃاڻپ ۽ ڪين شامل ڪرڻ.
• منصوبي جي معلومات تائين پائيوارن جي پهچ کي سولو بڻائڻ، بحاليءَ لاءِ مالي ۽ فني مدد جي مختلف صورتن تي ۽ ماڻهن کي سندن حقن ۽ ذميوارين بابت تعليم ڏيڻ سميت ۽ اهڙا طريقا جن وسيلي کين حصو وٺڻ جو موقعو ملي سگهي ۽ منصوبي جي سرگرمين مان مڪمل فائدو وٺي سگهن ٿا.
• منصوبي پاران تجويز ڪيل نقشي تي عملدرآمد ۾ بهتر گهر تعمير ڪرڻ لاءِ گهرن جي مالڪن جي مدد ڪرڻ.

• گهر جي مالڪن/ رهواسين جي سڃاڻپ ڪرڻ لاءِ اسٽيڪ هولڊرز جي شموليت يقيني بڻائڻ ته جيئن هيٺين ۾ نقصان پهتل متاثر گروپن جهڙوڪ عورتون، پار جيڪي ٻوڏ دوران پنهنجا والدين وڃائي ويٺا هجن، پيرسن، پٺتي پيل طبقا، ٽرانس جينڊر يا ڪدڙا فقير، ۽ بيواهه جيڪي ڪنهن مرد جي مدد ڪانسواءِ زندگي گذاريندڙ هجن، معذور ۽ غريب ماڻهو پڻ، چاڻايل سمورن ماڻهن جي سهوليت لاءِ ون ونڊو سروس جو بندوبست ڪيو ويو.
• منصوبي بابت ٻوڏ متاثرن جي شڪايتن جي ازالي لاءِ هڪ مضبوط شڪايتي مرڪز (GRM) جوڙڻ.

## 3.2 فائدو ماڻيندڙن جي اهليت جو معيار:

هي منصوبو سنڌ ۾ ٻوڏ متاثر ماڻهن جي بحالي ۽ گهرن جي نئين سر اڏاوت ۾ مدد فراهم ڪندو، جڏهن ته " رهائشي سبسڊي گرانٽس"متاثر ٽيل آباديءَ جي هڪ مخصوص انگ کي ڏني ويندي، رٿا پنهنجي فني سهڪار وسيلي ذريعي، 2022 جي ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ سنڌ حڪومت جي گهرن جي نئين سر اڏاوت واري پروگرام جي نقشي تي عملدرآمد ۾ سهڪار ڪندي، جنهن سان سڄي صوبي جي ٻوڏ متاثرن کي فائدو ملندو. سنڌ جي ٻوڏ متاثر علائقن ۾ گهرن جي بحاليءَ لاءِ جيڪا به اضافي فنڊنگ ڪئي ويندي، ان کي گهرن جي نئين سر اڏاوت بابت پاليسي، معيار ۽ اصولن سان سلهاڙيو ويندو، جيڪو هن منصوبي تحت هاؤسنگ ري ڪنسٽرڪشن پروگرام ذريعي قائم ڪيو ويندو.
هي منصوبو جاگرافيائي هنڌن تي رهندڙ ماڻهن لاءِ مخصوص فائدا فراهم ڪندڙ هوندو، جيڪي هائوسنگ سبسڊي گرانٽس ذريعي ڏنا ويندا ته جيئن تباهه ٿيل گهرن جي نئين سر اڏاوت/ بحالي گهرن جي مالڪن جي مرضي موجب ممڪن ٿي سگهي ۽ اٽڪل 14 لک ٻوڏ متاثرن کي 350,000 گهڻ رخن خطرن کي منهن ڏيڻ وارا مضبوط گهر ٺهرائي ڏنا ويندا، جن ۾ اڌ انگ عورتن جو آهي. جنهن تحت انهن ماڻهن کي روڪ رقم 300000 رپيا ڏني ويندي، جن جا گهر 2022 جي ٻوڏ ۾ مڪمل طور تي تباهه ٿي ويا آهن.

**پهرين قسط جي ورهاست لاءِ هيٺ ڏنل طريقيڪار طئه ڪيو ويو آهي:**
.ايس ٽي اي جون ٽيمون ان ڳالهه جو تعين ڪرڻ واري مقصد لاءِ ڻاهيون ويون آهن ته ڇا گهر مڪمل طور تي تباهه ٿيو آهي يا ان کي جزوي طور نقصان پهتو آهي. ٻوڏ متاثر علائقي ۾ گهر گهر سروي ڪري نقصان جو ڪاٿو لڳائي جا فارم ڀريا ويندا ۽ جيو ٽيگنگ ڪئي ويندي.
• STA جي ٽيمن پاران متاثرن جا فارم سندن اکين سامهون ئي ڀريا ويندا، بين تفصيلن سميت بينڪ جو نالو، شاخ ۽ اڪائونٽ نمبر يا پوسٽ آفيس / برانچ ۽ اهل ماڻهن جو اڪائونٽ نمبر به لکيو ويندو.
• مڪمل ٿيل فارم مقرر ٿيل آفيس/ يونٽ کي روزاني بنيادن تي ٻن صورتن ۾ ڏنا ويندا، پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر / IP جو سينيئر انجنيئر ڊيٽا ۽ اهليت جي تصديق ڪندو.
• IPs جي نگراني واري ڊانچي پاران فارمن جي تصديق ڪانپوءِ فارمن کي SPHF ڏانهن جائزي/ تصديق لاءِ جمع ڪرايو ويندو. منصوبي تحت SPHF هڪ آزاد تصديق ڪندڙ پائيوار کي ڀرتي ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو، جيڪو پيش ڪيل جائزي جي MIS ذريعي تصديق ڪندو.
• فائدو ماڻيندڙن کي معاوضو اڏڙئي نموني تصديق ٿيڻ ڪانپوءِ ملڻ شروع ٿيندو.ان ڪانسواءِ ايس پي ايڇ

ايف ٽيم انجنيئرز ۾ رقم فراهم ڪندڙ آفيسر به تصديق لاءِ جمع ڪرايل فارم جو جائزو وٺندا.
• رقم جي ادائيگي جي منظوريءَ مطابق، SPHF ٽيم (انجنيئرز ۾ ڊسبرسمينٽ آفيسرن) جي تصديق ڪانپوءِ رقم جي ورهاست لاءِ نوٽ سي اي او ذريعي ضروري منظوري ڪانپوءِ CFO کي ڏنو ويندو.
IPs ترجيحي بنيادن تي SPHF ۾ فارم جمع ڪندا. SPHF مختلف قسمن جون رپورٽون تيار ڪندو، جنهن ۾ تباهه ٿيل ۽ بحال ٿيل گهرن جي الڳ فهرست شامل هوندي، جنهن بعد لسٽون تيار ڪيون وينديون بئنڪ/برانچز جي حساب سان اهل متاثرن جي بئنڪ اڪائونٽس نمبرن سان گڏ هر فائدو حاصل ڪندڙ کي ادا ڪيل رقم ڏني ويندي. انهن فهرستن سان گڏ هڪ بيان جو خلاصو به شامل هوندو، جنهن ۾ مختلف بئنڪ برانچز جا تفصيل ڏيکاريل هوندا ۽ هر برانچ تي ادا ڪيل ڪل رقم سان گڏ انهن ماڻهن جي مخصوص تعداد لاءِ جيڪي بئنڪ جي ان مخصوص شاخ ۾ پنهنجو اڪائونٽ برقرار رکندڙ هجن. انکانپوءِ SPHF لاڳاپيل بئنڪ کي متاثرن جي اڪائونٽس ۾ رقم جي منتقلي لاءِ هدايتون جاري ڪندو.

**ٻئين قسط جي ادائگي لاءِ هيٺ ڏنل هدايتن تي عمل ڪيو ويندو:**
• فائدو ماڻيندڙن/ متاثرن کان درخواست ملڻ تي يا فالو اپ دوري جي نتيجي ۾، STA ٽيمون 'پلينٿ ليول' تائين ڪيل اڏاوت جو معائنو ڪنديون ۽ ڪم جي سگهه توڙي ساخت کي جيو ٽيگ ڪنديون.
• انسپيڪشن جي مقصدن لاءِ، لاڳاپيل انجنيئرز SPHF پاران ڏنل چيڪ لسٽ کي پريندو، چيڪ لسٽ جي هڪ ڪاپي فائدو ڏيندڙ جي حوالي ڪري سگهجي ٿي ۽ اصل کي STA ٽيمون پاڻ وٽ رکنديون.
• تصديق جي سلسلي ۾ پلينٿ ليول کي ڊجيٽل طور تي فوٽوگرافي ۽ جيو ٽيگ ڪيو وڃي، رقم جي منتقلي ۽ ورهاست جي طريقيڪار کي مٿي بيان ڪيو ويو آهي (پهرين قسط لاءِ)

**ٽئين قسط جي ادائگي لاءِ هيٺ ڏنل طريقيڪار مقرر ڪيو ويو آهي:**
• متاثرن کان درخواست ملڻ تي يا فالو اپ دوري جي نتيجي ۾ STA ٽيمون " لنٽل ليول" تائين ڪيل اڏاوت جو معائنو ڪنديون.
• انسپيڪشن جي مقصدن لاءِ، لاڳاپيل انجنيئر SPHF پاران ڏنل چيڪ لسٽ کي پريندو. چيڪ لسٽ جي هڪ ڪاپي فائدو ڏيندڙ جي حوالي ڪري سگهجي ٿي ۽ اصل لسٽ کي STA ٽيمن وٽ رکيو ويندو.
• تصديق جي حوالي سان ڍانچي کي ڊجيٽل فوٽوگرافي ۽ جيوٽيگ ڪيو ويندو. رقم جي منتقلي، تقسيم جو طريقيڪار جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي ( پهرين قسط لاءِ)

**چوٿين قسط جي ادائيگي لاءِ هيٺ ڏنل طريقيڪار مقرر ڪيو ويو آهي:**
• متاثرن کان درخواست ملڻ تي يا فالو اپ دوري جي نتيجي ۾ STA ٽيمون 'ڇت جي سطح' تي ڪيل اڏاوت جو معائنو ڪنديون.
• ڇڪاس جي مقصدن لاءِ لاڳاپيل انجنيئر SPHF پاران ڏنل چيڪ لسٽ کي پريندو. چيڪ لسٽ جي هڪ ڪاپي متاثر جي حوالي ڪئي ويندي ۽ اصل لسٽ کي STA ٽيمن وٽ رکيو ويندو.
• ڍانچي کي ڊجيٽل فوٽوگرافي ۽ جيو- ٽيگ ڪيو ويندو. تصديق جي حوالي سان، رقم جي منتقلي،

ورهاست جي طريقيڪار طور تي مٿي بيان ڪيو ويو آهي. (پهرين قسط لاءِ)

## 3.3 معذور /لاچار ماڻهن جي گهرجن کي پورو ڪرڻ:

معذور ماڻهن جي سڃاڻپ لاءِ ولنرايبل سوشيو ٽيڪنيڪل ۽ اسيسمينٽ ٽيمن کي دستاويزي مدد حاصل لاءِ ضروري آهي ته معذورن/ لاچارن جي سندن ضرورتن مطابق درجي بندي ڪن. نقصان جي جائزي دوران، معذوري جي ور چڙهيل ماڻهن جي ڳُٽپ پڻ ڪئي ويندي ۽ هر هڪ جي نشاندهي ڪئي ويندي ته ڇا هن مرد / عورت وٽ پنهنجي گهر کي ٻيهر تعمير ڪرڻ جي صلاحيت آهي يا نه. ٻيهر تعمير ڪرڻ جي صلاحيت کي موجود سمجهيو ويجي ته جيڪڏهن معذور فرد وٽ خانداني ميمبر يا مائٽ يا ڪميونٽي جا ميمبر موجود آهن جيڪي سندس گهر جي ٻيهر تعمير ۾ مدد ڪرڻ لاءِ تيار هجن. ٻيهر اڏاوت جي مرحلي دوران STAT(s) ڪمزورين جي ٻيهر جاچ ڪندو ته ڇا انهن کي پنهنجن گهرن جي ٻيهر تعمير ۾ ڪنهن مدد جي ضرورت آهي؟
لاچاريءَ يا معذوريءَ جي جي وضاحت ڪئي وئي آهي ته "ڪو به اهڙو شخص يا گروهه جن وٽ قدرتي آفتن بابت اڳڪٿي ڪرڻ، منهن ڏيڻ، مزاحمت ڪرڻ ۽ بحال ڪرڻ جي صلاحيت نه هجي. جنهن مان اها ڳالهه ظئه ٿئي ٿي ته سندن جياپو، معيشت، ملڪيت ۽ ٻيا اثاثا خطري هيٺ اچڻ جو امڪان آهي. ڪمزور يا لاچار حصن ۾ هيٺ ڏنل فرد/ گروهه شامل آهن:

1. بيواھ عورتون معذور مڙسن سميت
2. گهر جي سرپرستي ڪندڙ اڪيليون عورتون
3. طلاق مليل / ڇڏيل عورتون / غيرشادي شده وڏي عمر واريون عورتون جيڪي ٻين تي ڀاڙيندڙ هجن
4. معذور ماڻهو (جسماني يا ذهني طور)
5. نابالغ يتيم
6. پيرسن فرد، 60 سالن کان مٿي عمر وارا

**فارم – III: آبادي جي سطح تي خطري جي سڃاڻپ فارم**

**S. No فارم نمبر جو نالو والدين CNIC ڪو به خطرو ناهي ٻوڏ جو يا ان کان پوءِ پيش آيل خطري جو قسم**

### 3.4 پورهيو ۽ ڪم ڪرڻ جون حالتون:

گهرن جي نئين سر اڏاوت متاثر پنهنجي مرضي موجب ڪرائيندا، جنهن سان مزدورن جو بندوبست ڪرڻ وارن مسئلن ۾ گهٽتائي ايندي.
منصوبي جي نقشي تحت تعميراتي سامان جي خريداري فائدو ماڻيندڙ جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي، سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽيز (SPHFA) تعميراتي سامان جي خريداريءَ ۾ شامل نه ٿيندو. جڏهن ته، سپلاءِ چين اندر مزدورن جي حوالي سان اهو ضروري آهي ته SPHFA "ESS2: مزدور ۽ ڪم ڪندڙ حالتون" ۾ بيان ڪيل اصولن تي عمل ڪرڻ جي حمايت ڪري.

اهي شرط منصوبي ۾ شامل SPHFA اهلڪارن لاءِ لازمي هوندا. پروجيڪٽ جي مزدورن سان لاڳاپيل مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ شڪايتن جي ازالي جو طريقيڪار (GRM) تحت موجود هوندو.
هيٺين مزدورن جي انتظامي طريقيڪار کي منصوبي اندر لاڳو ڪيو ويندو:
• رٽا جي ملازمن لاء ليبر مئنيجمينٽ پلان جي ترقي.
• وقت سر منصوبي GRM جي ترقي ۽ تعيناتي.
• منصوبي ۾ تعميراتي شعبي لاءِ سپلاءِ چين جي ادارن وچ ۾ بهتر ليبر مئنيجمينٽ کي هٿي ڏيڻ.
• ٻارن جي پورهئي ۽ جبري پورهئي جي استعمال خلاف تحفظ
• رازن لاءِ پيشيوارانٽي صحت ۽ حفاظت سان لاڳاپيل مسئلا
• پيشيوارانٽي صحت ۽ حفاظت جا مسئلا جتي فائدو وٺندڙ پاڻ پنهنجو گهر ٺاهي.
• ڪم جي هنڌ وارين حالتن سان لاڳاپيل مسئلا.
• موسمي حالتن سان لاڳاپيل OHS مسئلا (گرميءَ جي لهر)

## 3.5 هر جو نقشو، وسيلن جي ڪارڪردگي، گدلاڻ جي روڪٿام ۽ ڪميونٽي صحت توڙي حفاظت

ٻوڏ متاثر علائقن ۽ آبادين ۾ بنيادي ماحولياتي حالتون متاثر ٿيڻ جا امڪان آهن. انساني آبادي جي گدلاڻ جي وسيع حد سان تعميراتي ملبي، ختم ٿيل ۽ گدلي پاڻي جا ذريعا، ۽ غير مناسب صفائي جو اندازو لڳايو ويو آهي. انڪانسواءِ تعميراتي مواد جي خريداري سرن جي ٻٽن، سيمينٽ فيڪٽرين، ڪنڪريٽ ڪيڻ سميت ٻيا اهڙا ڪم ماحولياتي گدلاڻ ۾ واڌ ڪري سگهن ٿا.
اهڙين حالتن ۾ اهو ضروري آهي ته "ESS3: وسيلن جي ڪارڪردگي ۽ آلودگي جي روڪٿام ۽ انتظام" ۽ "ESS4: ڪميونٽي جي صحت ۽ حفاظت" جي اصولن تي غور ڪيو وڃي منصوبي تي عمل ڪرڻ ۾. نئين هائوسنگ جي ڊيزائن کي هيٺ ڏنل ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي:
• خطرناڪ تعميراتي مواد جي استعمال کان پاسو ڪريو جهڙوڪ: ايسبسٽس، ليڊ بيسڊ پينٽ، فارملڊيهائيڊ تي ٻڌل مواد، مصنوعي معدني فائبر وغيره.
• تعميراتي مواد جي ذخيره اندوزي کان پاسو ڪريو.
• ڪجهه ڪيسن ۾ مقامي پاڻيءَ جي وسيلن جو استعمال هڪ مسئلو ٿي سگهي ٿو.
• گهر جي نقشي ۽ ڪميونٽي انفراسٽرڪچر جي حصي طور محفوظ پاڻي جي فراهمي، صفائي ۽ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ.
• بهتر مواصلات ذريعي توانائيءَ جي ڪارڪردگي.
• مينهن جو پاڻي حاصل ڪرڻ جا موقعا.
• هيٺين سطح جي ٻوڏ جي اثرن کان بچاءَ لاءِ پلنٿ جي سطح بلند ڪرڻ.
• ٻوڏ جي پاڻي جي مزاحمتي مواد وغيره جو استعمال.
• تعميراتي ڪنٽرول، انتظام ۽ نيڪال لاءِ طريقيڪار جي ضرورت.
• گهريلو انتظام ڪرڻ.
• محفوظ تعميراتي طريقن جو استعمال.
• ٻارن کي تعميراتي علائقي ۾ داخل ٿيڻ کان بچائڻ.

## 3.5.1 ڊبريس مينيجمينٽ ۽ سائيٽ ڪليئرنس:

امڪان آهي ته ٻوڏ متاثر علائقن ۾ ناڪاري مواد وڏي مقدار موجود هوندو، انهن ناڪاري شين ۾ ٻوٽا، تعميراتي ملبو، ميوا، ٻاڄيون، گوشت، ڪير جون شيون، ۽ جانورن جي باقيات شامل آهن،جيڪي تيزيءَ سان خراب ٿي وڃن ٿا، ۽ انهن فضول شين ڪي نيڪال ڪرڻ جي ضرورت پوندي ۽ تعميراتي سرگرميون شروع ڪرڻ کان اڳ هيٺ ڏنل طريقا اختيار ڪندي سائيٽ کي صاف ڪيو وڃي:

• فضول مواد کي سائيٽ تان هٽايو ۽ ڊسپوزل ايريا تي لڳايو.

• فضول شين جهڙوڪ سرن، ڪاٺ، ڌاتو جي چادر وغيره ۾ ٻيهر استعمال لائق مواد جي ري سائيڪلنگ کي هٿي ڏيو.

• ملبي جي پروسيسنگ کي وڌايو ته جيئن ان کي ريبل ڪرشرز ذريعي ٻيهر استعمال ڪيو وڃي.

گهڻن پاسائن خطرن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت رکندڙ گهرن جي نقشي تي عمل ڪري تعمير کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن اهي گهر مستقبل ۾ موسمياتي تبديلي جي خطرن جهڙوڪ ٻوڏ ۽ گرمي جي لهرن کي منهن ڏئي سگهن. مضبوط  رهائشي اسڪيمن جي هيٺين وڏين خاصيتن تي غور ڪيو ويندو ڊزائن ۽ تعميراتي مرحلن ۾:

• گهرن کي انهن جي ڊگهي محور سان هوا جي موجوده رخ ڏانهن رکڻ ۽ گهرن جي دروازن کي هوا جي دٻاءَ وارن رخن ڏانهن منهن ڏيڻ لاءِ قدرتي وينٽيليشن جو فائدو وٺڻ.

• سج ۽ هوا جي استعمال کي بهتر ڪرڻ لاءِ گهرن جي اڏاوت.

• گرم موسمن ۾ گهرن جي اوپر ۽ اولهه طرفن جي ڇنڊڇاڻ لاءِ منصوبابندي ڪرڻ ته جيئن شمسي گرمائش کي گهٽ ڪري سگهجي، خاص طور تي صبح ۽ منجهند جي وقت ۾، ۽ ٻاهرين پٽين جي گرمي حاصل ڪرڻ، اهڙيءَ طرح اندرين گرمي پد کي گهٽائڻ ۽ استعمال ڪندڙن جي آرام کي بهتر ڪرڻ.

• گهرن کي منتشر ڪرڻ ته جيئن ٿڌيون هوائون گردش ڪري سگهن.

• گهر جي ڊزائن کي قدرتي هوا جي وهڪري کي استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿي ته جيئن اندروني گرمي پد کي گهٽائي سگهجي ۽ عمارت ۽ ان جي استعمال ڪندڙن تي گرمي ۽ گهم جي اثرن کي گهٽايو وڃي.

• گهر جي نقشي کي "کليل" رکڻ ته جيئن هوا جي وهڪري جي اجازت هجي، جهڙوڪ دريون، لوور ۽ دروازا. ڪراس وينٽيليشن کي بهتر ڪرڻ لاءِ گهر جي سامهون پاسن تي کليل رکيا ويندا.

• وڏين ڇت کي استعمال ڪرڻ تي غور ڪيو وڃي، جيڪي سٺي شيڊنگ ۽ تيز برساتن کان تحفظ فراهم ڪن ٿيون.

• ڏينهن جي وقت گرميءَ جي داخلا کي گهٽائڻ ۽ رات جي وقت ٿڌ جي داخلا کي گهٽائڻ لاءِ ڳري ۽ ٿلهي ڀت کي نصب ڪرڻ.

• توانائي جي ذريعن مان بجلي حاصل ڪرڻ لاءِ هر گهر ۾ سولر فوٽووولٽڪ سسٽم لڳائڻ تي غور ڪيو پيو وڃي.

## 3.6 زمين / ايراضي حاصل ڪرڻ:

سڀ کان وڌيڪ گهرن کي موجوده هنڌن تي ٻيهر تعمير ڪيو ويندو. گهر جيڪي اڳ ۾ ٻوڏ جي خطري وارن علائقن ۾ واقع هئا جهڙوڪ دريائن جي ڪنارن ۽ قدرتي نيڪال جي بسترن کي انهن جي موجوده هنڌن تي ٻيهر تعمير لاء مالي امداد نه ملندي. ان جي بدران، اهي گهر محفوظ هنڌ تي منتقل ڪيا ويندا جيڪي موجود انساني آبادين جي اندر يا ان جي اندر موجود آهن. منتقل ٿيل گهرن جو ڳانڍاپو بنيادي خدمتن سان هڪ ضروري مقامي ضرورت تحت هوندو. هيٺيون هدايتون بيان ڪيون ويون آهن "ESS5: زمين حاصل ڪرڻ، زمين جي استعمال تي پابندي ۽ غير ارادي آبادڪاري" انهن گهرن کي منتقل ڪرڻ جي عمل دوران ضابطن جي تعميل کي يقيني بڻائڻ ۽ ڪميونٽي تي ڪنهن به ناڪاري اثر کي گهٽائڻ لاءِ غور ڪيو ويندو.

• پراجيڪٽ جي سطح تي آبادڪاري جو طريقيڪار تيار ڪريو ۽ انساني آباديءَ جي سطح تي آبادڪاريءَ جا منصوبا ( آباديءَ جي ترقيءَ جي طريقي سميت).

• گهرن کي يا ته گهرن جي ملڪيت واري زمين تي منتقل ڪيو وڃي يا نئين جاءِ تي بنا ڪنهن رنڊڪ جي جتي زمين حڪومت جي ملڪيت آهي .

• آبادڪاري جي منصوبي ۾ معيشت جي بحالي، تحفظ، ۽ واڌارو پڻ شامل هوندو جيئن ته: نوجوانن جي مهارت جي ترقي جي تربيت، مائڪرو فنانس ادارن کي ٻيهر آباد ٿيل گهرن سان ڳنڍڻ لاء مالي رسائي، ۽ نئين علائقي ۾ ڪاروباري ترقي.

• گهرن کي منتقل ڪرڻ وقت ڪميونٽي ۾ موجود سماجي رشتن کي برقرار رکڻ لاءِ لازمي طور تي غور ڪيو وڃي.

## 3.7 حياتيات/ جياپي جو تحفظ ۽ دستياب قدرتي وسيلن جو جٽادار بندوبست:

اهو ڏٺو ويو آهي ته رهائشي علائقن ۽ ڪميونٽيز اندر وڻن جي وڏي انگ ۾ واڍي ڪئي وئي آهي. اها ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه آهي ڇاڪاڻ ته وڻ ڇانو مهيا ڪرڻ ۽ گرمي پد کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا، ان ڪري هوا جي معيار کي بهتر بڻائي ٿو. ان صورتحال ۾، اهو ضروري آهي ته نوان وڻ پوکيا وڃن ته جيئن متبادل طور ڪم اچي سگهن، ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته ماحولياتي فائدن کي برقرار رکيو وڃي.

SPHFA کي "ESS6- حياتياتي تحفظ ۽ دستياب قدرتي وسيلن جي جٽادار انتظام" جي گهرجن مطابق هيٺ ڏنل ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ گهرجي:

• گهرن جي تعمير دوران موجود وڻن، ٻڪرين وغيره جي حفاظت.

• نون وڻن جي پوک ڪرڻ لاءِ طوفان، ٻوڏ ۽ سامونڊي لهرن کان بچاءَ طور ڪم ڪرڻ.

• مقامي رهائش جي وڻن جي نسلن کي پوکڻ سان ميوو/ڪاڌي ۽ ڪاٺ جي سامان لاءِ لاڀ حاصل ٿيندو.

• اهي وڻ پوکيا وڃن جيڪي انساني صحت ۽ بهتر آبهوا جي خاصيتون رکندڙ هجن

• علائقي جي سونهن ۽ تفريحي قدرن کي وڌائڻ.

• اهم حياتيات ۽ قدرتي اثاثن جو تحفظ

• حياتياتي تحفظ ۽ رهائش تي ممڪن اثر

• ناڪاري لسٽون يا/۽ پابنديون جتي پروجيڪٽ تي عمل ڪيو ويندو (مثال طور محفوظ علائقن ۾ ڪو به عمل نه ٿيو)

## 3.8 مقامي ماڻهو ۽ برادريون، ۽ ثقافتي ورثو

سنڌ ۾ ESS7 جي معيار تي پورو لهندڙ ڪا به مقامي ڪميونٽي موجود ناهي. تنهنڪري، " :ESS7 Indigenous/Sub Saharan African Historically Underserved Traditional Communities" پروجيڪٽ تي لاڳو ناهي.

سنڌ صوبي ۾ ثقافتي ورثو ۽ عمارتون وڏي تعداد ۾ موجود آهن. اهو ممڪن آهي ته پوڊ اڳ ۾ لڪيل ثقافتي ورثي جا اثاثا ظاهر ڪيا هجن ۽ تعميراتي سرگرميون اهڙن اثاثن جي موقعن جي دريافت جو سبب بڻجي سگهن ٿيون. اهڙين حالتن ۾، پروجيڪٽ لاءِ اهو ضروري آهي ته "ESS8: ثقافتي ورثو" ۾ بيان ڪيل موقعن جي ڳولا جي طريقيڪار تي عمل ڪري ۽ انهن کي ESMF جو حصو بڻايو وڃي.

## 3.9 شڪايتن جي حل جو طريقو ۽ صلاحيت ۾ واڌ:

پروجيڪٽ جي ڪامياب مدد لاءِ هڪ جامع شڪايتن جي ازالي وارو نظام (GRM) جو لاڳو هجڻ ضروري آهي. منصوبي جي شروعات ۾، هيٺين عملن کي وٺڻ گهرجي:

• منصوبي جي مخصوص GRM سسٽم تيار ڪريو ۽ ان کي اسٽيڪ هولڊرز کي ظاهر ڪريو. GRM کي سنڌ جي چيف منسٽر شڪايت سيل ۽ صوبائي محتسب (محتسب) سنڌ سان سلهاڙيو ۽ ESMF ۾ شامل ڪيو وڃي ته جيئن پروجيڪٽ جي آر ايم جي رسائي کي وڌائي سگهجي.

SPHF لاءِ SPHF پاران خاص GRM سسٽم جي ترقي جيئن ته آن لائن شڪايت/شڪايت جي رجسٽريشن پورٽل ۽ رجسٽرڊ شڪايتن جي حل واري صورتحال جو ڊيش بورڊ.

• سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ متاثرن (SPHFA)، سنڌ حڪومت ۽ ان جي مقامي سطح تي عملدرآمد پارٽنر ادارن جي صلاحيت کي وڌائڻ لاءِ اسٽيڪ هولڊرز جي شموليت واري منصوبي تي اثرانداز عملدرآمد، فائدي وارن جي چونڊ معيار جي ترقي، ۽ GRM جي آپريشنلائيزيشن.

گهر جي مخصوص ES ڪوڊس آف پريڪٽسس اسڪريننگ چيڪ لسٽ جي بحالي ضميمه-1 جي طور تي ڳنڍيل آهي. هي چيڪ لسٽ استعمال ڪئي ويندي انهي ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ ته فائدو وٺندڙ پنهنجي گهرن جي تعمير دوران پروجيڪٽ جي ES ڪوڊس لاڳو ڪري ٿو.